ڪنوار مُنهنجي ٻلي ٻي

گيان لُڊو




ڪنوار منهنجي ٻلي ٻلي
گيان لڏُو

جئہ جهوليلال



وگهن هري منگل ڪري، ڪري سرو ڪلياڻ.
گهر ٻاهر رکشا ڪري، شري جهوليلال ڀڳوان.

L - 2 (40)

ڪنوار مُنهنجي بلي بلي

(ڪويتا سنگره)


ڳيان لُڌا

Kunwar Muhinji Balle Balle

By	:	Gian Lulla
First Edition	:	2016
Copies	:	500
Price	:	₹ 200/-
Cover Design	:	Anand Ram Lalchandani
D.T.P.	:	Shobha R. Lalchandani Aneesha A. Lalchandani
Printer	:	Impressions, Mumbai. M : 9820883807 E : *anandrl1975@gmail.com*
Published by	:	Gian Lulla A-302, Kanchan Junga, Plot No. 20, Sector 11, Next to Talwalkars & Dominoes, Koper Khairne, Navi Mumbai - 400709 M : 9820486068 E : *gianjlulla@gmail.com*


اوم

مھاڳ



شري گيان چيتانند لُلا ''گيان'' چڱي عرصي کان مذاقي ڪوتائون پئي لکندو رهندو آهي. مونکي ائين چوندي فخر ٿئي ٿو تہ هو اسان جي رزرو بئنڪ سنڌي سڀا، ممبئي جو سڀ کان وڌيڪ پيارو ۽ ڇهيتو ميمبر آهي. هو سڀا جي هر پڪنڪ، گيٽ ٽوگيدر يا پروگرامن ۾ شريڪ ٿي. پنهنجون مذاقي ڪوتائون ۽ پاڻ ٻڌائي خوب کلائيندو آهي. سندس رچنائون الڳ الڳ مخزنن ۾ شايع پئي ٿينديون آهن. جيون جوتي، گلابي گلڙا، ڦلواڙي ۽ ٻين ڪيترين ئي رسالن ۾ پڻ شايع ٿيون آهن. هو ٻارن لاءِ خاص رچنائون پڻ لکندو آهي. هاڻي تہ پاڻ بہ ٺاهي پاڻ ڳائي ٻڌائيندو آهي. هن هندي ۾ پڻ ڪجهہ ڪويتائون لکيون آهن. سنڌي ۽ هندي ڪوي سميلن ۾ پڻ ڀاڱ ورتو اٿائين. هاڻي ڪافي عرصي کان ''هندواسي'' پرچي ۾ پڻ هنجون رچنائون شايع ٿينديون رهن ٿيون. پوج سنڌي پئنچائت نيرول جو فائونڊر ميمبر پڻ آهي. جهولي لعل مندر نيرول سان بہ جڙيل آهي. اُتي پنهنجا لکيل پاڻ ڳائي خوب پاڻ موڪيو اَٿائين. نيرول پئنچائت جو ڇهيتو ميمبر آهي. ڪن ميمبرن تہ هن کي گهر ۾ گهرائي محفل مچائي آهي. رزروبئنڪ سنڌي سڀا پاران ٢ - ٣ ڀيرا آل انڊيا ريڊيو سنڌي ويڀاڳ ۾ بہ پنهنجو ڪويتا - پاٺ ڪيو آهي. اسان جي سڀا جو ڪيترائي سال ڪاروباري ڪاميٽي جو ميمبر ٿي رهيو آهي. ڪجهہ سال تہ هو شري اَجيت هرياڻيءَ جي سهيوگ سان جنرل سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو آهي ۽ اُها جوابداري بخوبي نڀائي اَٿائين. هاڻ بہ هو صاحب اسان جي سڀا جو ائڊوائيزر آهي.

پنهنجي طرفان......



ڪوتائن‌جو سنگرهہ ”ڪنوار منهنجي ٻلي ٻلي“ توهانجي سامهون پيش ڪندي ڏاڍي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. مان رزرو بئنڪ سنڌي سڀا - ممبئي جي سيني يارن دوستن جو دل جي گهرائيءَ سان شڪرگذار آهيان جن منهنجون رچنائون هر پڪنڪ گيٽ - ٽو - گيدر ۾ پروگرامن تي ٻڌيون آهن ۽ داد پئي ڏنو آهي. اُنهن مان ڪن خاص دوستن جو ذِڪر ڪرڻ ضروري آهي جن مونکي ڪافي زور ڀري همٿايو تہ رچنائون الڳ الڳ مخزنن ۾ موڪلي ڇپايان. مون تنهن ڪانپوءِ رچنائون ڇپڻ لاءِ موڪليون ۽ ڇپجڻ لڳيون. اُهي دوست آهن :

سرو شري دوارڪو ڪلناڻي، سرڳواسي ڦتن پرسواڻي، سرڳواسي چندرو پنجابي، سرڳواسي طوطل جڳياسي، شري اجيت هرياڻي، سيناڻي پائر، شري مرلي ناگپال، شري تاجلو لڪاڻي، شري گوپال مورجاڻي، سرڳواسي ڀيڻ پشپا مالهي، شري ٻهاري ڪنڌاري ۽ ليکو لُلا.

مان سرڳواسي ڀاءُ رام لالچنداڻي ڀيڻ شوڀا لالچنداڻي ۽ شري مندن جُماڻيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان جن پڻ مونکي همٿايو ۽ رچنائون ”هندواسي“ ۾ ڇپي مون سان وڏا وڙ ڪيا آهن. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ مان چئمبور ڇڏي نيرول - نوي ممبئي وڃي وسائي جت مان پوج سنڌي پنچائت نيرول سان جڙيس ۽ اُنهن جو فائونڊر ميمبر پڻ ٿيس. اُنهن سان گڏجي هڪ اَعليٰ ”جهولي لعل مندر“ ٺهرايو. اُتي بہ مان پنهنجا رچيل ڀڄن چنڊ چنڊ تي ۽ چيٽي چنڊ جي ميلن تي ۽ گهرن ۾ وڃي پرڪاش ڏيمبلا ۽ جيوتي ڏيمبلا جي سهڪار سان ڳائيندو آهيان. نيرول جا خاص دوست آهن - مُکي صاحب ٺاڪر راجپال، مندر جو چيئرمن شري راجڪمار ساتواڻي، شري نريش تلريجا، ڀيڻ وديا ميرچنداڻي، شري راجيش جڳيشا، شري اوم پرڪاش مولچنداڻي، شري

هن ڪويتائن جي سنگرهہ ۾ گهٽي ياگي سيئي رچنائون
سٽيون ۽ وٽندڙ آهن ۽ مونکي ڪافي وڻيون آهن.
مونکي اُميد نہ پر پڪ اَٿم تہ اِهي سڀ رچنائون پاٺڪن
کي بہ پسند پونديون ۽ سندس پورهيو ٿاب پوندو. مان سڀا
جي سيني ميمبرن پاران ۽ ايشور در اِهائي پرارٿنا ڪندس تہ اسان جو
پيارو، دُلارو گيان وڏي اَورجا ۽ سالم صحت ماٽي جيئن هو اڳي کان
اڳريون رچنائون لکندو رهي ۽ اسان سيني کي موُج وٺائيندو رهي! تنهن
کان سواءِ مان پنهنجي ۽ سڀا پاران کيس دلي واڌايون ٿو ڏيان!

قربن مان

دوارڪو ڪلناڻي

پريزيڊنٽ

رزرو بئنڪ سنڌي سڀا، ممبئي

سيڪريٽري جنرل

ساهتي پنچائت، ممبئي

ٻه اکر



گيان للا هڪ اهڙو نالو آهي جو شاعرن ۾ ليڪڪن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، هيءُ به نالو ائين آهي. اخبارن ۾ مخزنن ۾ هنجو نالو پڙهيو هيو پر ڪڏهن ملڻ نه ٿيو هو، پر سندن کي مون ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ڏٺو هو. مان هن ڪيتر ۾ ته ڪيترن سالن کان پوءِ آيس پنهنجي ماتا پتا سان ڪنهن سيمينار ۾ ، ڪنهن پروگرام تي ويندي هيس يا پنهنجي گهوٽ سان ته شري گيان للا کي مون ٻڌو هو. تڏهن شاعريءَ جي ايتري چاڻ نه هئي، شاعريءَ سان منهنجو لاڳاپو گهٽ رهيو آهي. پر منهنجي رڳ رڳ ۾ سنڌيت پيل آهي ته ٻڌڻ ۾ مزو ايندو آهي. منهنجي سڄاڻپ هنن سان اٽڪل پندرهن سال اڳ ٿي. سدائين ائين ڪلمڪ، سادا، سڀاجها لڳندا آهن عمر جي لحاظ کان فرق آيو آهي پر بيهڪ ائين ئي آهي. رام سان دوستي هئن رام کي هميشه دوست سندس جي عمر کان وڏا ئي وٽندا هئا.

هنن جيڪا شاعري ڪئي آهي اُها هر صنف ۾ ملي ٿي ڪٿي ناري مهما ڪئي آهي ته ٻيڄن به لکيا آهن ته وري پنهنجي ٻارن جي لاءِ پوٽن پوٽين لاءِ ڪويتا به ڪئي آهي. ته لاڏا به لکيا آهن. پنهنجي همساڻ جي لاءِ به ڪويتا ڪئي آهي. مذاقي به آهن ته ٻئي طرف عالماڻا به آهن.

الائي ڇو هن کان پهرين پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب نه ڇپايو آهي هوندي ڪا مجبوري . خير وڌيڪ ڇا لکان هنن کان مان عمر ۾ ڏاڍي ننڍي آهيان، ڪوشش ڪندس ته هنن جو ڪتاب پاٺڪن جي اڳيان سٺو ثابت ٿيندو. بس...

شوڀا لعلچنداڻي

شامداساڻي شري اَشوڪ هرياڻي، شري ڪمل گانڌي ۽ پئنچائت جي ٻين سيني ميمبرن جو بہ ٿورائتو آهيان، جي منهنجا پڇن ٻڌي همٿائن ٿا ۽ داد ڏيندا رهن ٿا.

مان دل جي گهرائيءَ سان شڪرگذار آهيان پنهنجي پيٽوئيءَ صاحب ڊاڪٽر دامودر لعلچنداڻي، جئپور وارن جو جن منهنجاپڇن پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائي سي ڊي شايع ڪئي آهي.

ائين تہ مان پاڻ کي ڪو ليکڪ يا ڪوي نہ ٿو سمجهان ۽ نہ ئي ڪو وڏيڪ پڙهيل آهيان پر ها ڪڏهن ڪڏهن ڪي دنياداري جون ڳالهيون ڏسي ٻڌي جهولڻ جي مهر ميا سان دل ۾ اُمنگ جاڳيا جن هنن هلڪين ڦلڪين رچنائن جو روپ ورتو. سچ پڇو تہ مونکي ڪنهن بہ ميٽر يا ماپ جي ڪا سڌ ڪانهي ٿوري تُڪ بندي ڪري رچنائون ٺاهيون اٿم. رچنائن جو سنگرهہ اوهان جي هٿن ۾ آهي. اُميد اٿم تہ هلڪيون ڦلڪيون رچنائون اوهانکي وڻنديون ۽ پنهنجو قيمتي رايو ڏئي منهنجي حوصلا افزائي ڪندا. رچنائن ۾ ڪا غلطي ٿي هجي تہ هن داس کي معاف ڪندا. ڌنيواد!

قربن مان
گيان لُلا

مذاقیہ



ڪلان تنهنجي ياد ۾
شردا سُمن



منهنجي ڪلان منڙي ڪلان،
تو بنا مان ڪيئن هلان؟

سار تنهنجي ٿي ستائي،
ڏينهن تو ڏنگي ۽ لُڇائي،
راتيون هاٽي مان ڪيئن ڪٽيان؟
منهنجي ڪلان ......

پنهنجا ئي ٿا ڏنين ۽ ڏاڙهن،
مئل کي ٿا روز مارن،
اِهي سور مان ڪنهن سان سليان؟
منهنجي ڪلان ......

تو نيايو سڀ سان ناتو،
ڪنهن قدر تنهنجو نہ ڄاتو،
تو ۾ هئي ڪا ٻي مٽيا!
منهنجي ڪلان ......

توبن آهي جيئڻ محال،
سواليءَ جو تون مڃ سوال،
جيئن جلدي اچي توسا ملان!
منهنجي ڪلان ......

تنهنجو پتي،
لُڏو گيان

اسان جو منڊو موتيرام

اسانجو منڊو موتي رام،
ٻٽيو آ جوروءَ جو غلام!

۱. باسڻ ڌوئي، ڪپڙا ڌوئي،
اٽو ڳوهي، چانور سوئي،
هردم حاضر، ڪري سلام!
اسانجو منڊو موتيرام ٻٽيو آ ...

۲. فيڊر ڌوئي کير پياري،
لولي ڏيئي ٻار سُمهاري،
ويچاري جي ننڊ حرام!
اسانجو منڊو موتيرام ٻٽيو آ ...

۳. جيڪو ڏئيس سو ٿو کائي،
نہ تہ وينو ڏڪڙ وڄائي،
شريمتيءَ کي آهي لغام!
اسانجو منڊو موتيرام ٻٽيو آ ...

۴. وٺي ويھہ آفيس ويندو،
ان مان بہ وٺي پاڇيون ايندو،
دوست دوُر، پريان رام رام!
اسانجو منڊو موتيرام ٻٽيو آ ...

۵. ڪن سان ڳنڍيي، ڪن سان پلي،
بس جوءِ جو اشارو هلي،
جڪڙيو جادن ۾ آ جام!
اسانجو منڊو موتيرام ٻٽيو آ ...

ڪنوار منهنجي بلي بلي!

١. ڪنوار منهنجي ساڙهي پائي،
لبن تي ٿي لالي لڳائي،
چال چڱي ٿي چلي چلي،
ڪنوار منهنجي بلي بلي.

٢. مني پائي ڪٽي مئڪسي پائي،
ڊانس ڪري يا ڳانا ڳائي،
منهنجي لاءِ سڀ هلي هلي،
ڪنوار منهنجي بلي بلي.

٣. ڪنوار سان مان ڪشمير گهمندس،
دارجلنگ، مسوري، ابو گهمندس،
مونکي ڪوبہ نہ جهلي جهلي،
ڪنوار منهنجي بلي بلي.

٤. ڪپڙن ڌئڻ کان ڪري انڪار،
گهمڻ لاءِ آ هردم تيار،
باسڻ ڪين ٿي ملي ملي،
ڪنوار منهنجي بلي بلي.

٥. نخرو ناز بہ خوب اٿس،
سياءُ ذرا شوخ اٿس،
ڳالهائجوس توهان جهلي جهلي،
ڪنوار منهنجي بلي بلي.

٦. وڃي جڏهن ٿي رسي پيڪي،
وٺي اچانس ٿو مٿو ٽيڪي،
ڪين سگهان دل پلي پلي
ڪنوار منهنجي بلي بلي.

جوان ناري!

پتلي بہ وڻي ٿي تہ ڀاري بہ وڻي ٿي،
خبر ناهي يارو ڇو هرڪا ناري وڻي ٿي.

١. ڪنهن جا وڻن ٿا لب تہ ڪنهن جا وڻن ٿا ڳل،
دل واري تہ يارو موچاري بہ وڻي ٿي.

٢. ڪنهنجي وڻي ٿي ڪمر تہ ڪنهنجي چوٽي،
ڳجري واري تہ يارو پتاري بہ وڻي ٿي.

٣. ڪنهنجو وڻي ٿو سيۀ تہ ڪنهنجو وڻي ٿو مکڙو،
ڪجراري اکين واري تہ يارو متاري بہ وڻي ٿي.

٤. ڪنهنجي وڻي ٿي مشڪ تہ ڪنهنجي وڻي چال،
لچڪي لوڏ واري تہ يارو پيِلياڻي بہ وڻي ٿي.

٥. ڪنهنجون وڻن ٿيون اکڙيون تہ ڪنهنجا ناز،
نخري ناز واري تہ يارو ڪاري بہ وڻي ٿي.

٦. منهنجو ڏوهہ ناهي شايد عمر اهڙي آهي،
جو جيڪا جوان آهي سا ناري وڻي ٿي.



جيڪا ڪٽڪ رنگي

جيڪا ڪٽڪ رنگي، سا دل کي وڻي،
ڏي همت ڏٽي، وڃانس پڇائي ڪٽي!

۱. ڏسي مونکي شرمائي،
مکڙو گونگھٽ ۾ لڪائي،
سندس دل گھبرائي،
ڇھانس ڪري هائي هائي،
جنهن جي نڪ ۾ ڪٽي، سا دل کي وڻي،
ڏي همت ڏٽي، وڃانس پڇائي ڪٽي!

۲. سدا ڪلي ۽ ڪلائي،
پريان اکڙيون لڙائي،
ڪڏهن چير چمڪائي،
ڪڏهن ڪمر لچڪائي،
جيڪا آهي ناچڻي، سا دل کي وڻي،
ڏي همت ڏٽي، وڃانس پڇائي ڪٽي!


۳. وڏو ماڻهس آ منجهائي،
چي، ''پيار گناهہ آهي''،
ڪير هنکي سمجھائي؟
مائي زوراور آهي،
جيڪا ڏاڍي ڏڪڻي،سا دل کي وڻي،
ڏي همت ڏٽي، وڃانس پڇائي ڪٽي!

۵. جتي ٻہ مڙن ٽيون زالون چار،
هلي اُتي ٽي پرائي پچار،
جهرمر مان ڪري ڇڏين جهميلو،
هِتِ هُتِ زالن جو آ ميلو!

٦. زالن جو اڄ آهي زمانو،
ٻئنڪن منجهہ ٻہ سنڀالين خزانو،
ڦٽي ڪيائون سوئٽي گهميلو،
هِتِ هُتِ زالن جو آ ميلو!

٧. ٻچ ٻڪ ٻچ ٻڪ اٿ حياتي،
ڳڻتين ۾ ويئي سُسي آ ڇاتي،
مڙد ويچارو ٻٽيو آ ٻهيلو،
هِتِ هُتِ زالن جو آ ميلو!

٨. راجا وزير يا ملان قاضي،
مالڪ جي ڏس عجب آ بازي،
غرض پئي ٻٽجي ٽو چيلو،
هت هُت زالن جو آ ميلو!



هِتِ هُتِ زالن
جو آ ميلو

۱. مندر هجي يا هجي منار،
پيگت هجي يا هجي درٻار،
ٻائو ٻالوُ هجي سو اڪيلو،
هِتِ هُتِ زالن جو آ ميلو!

۲. باسڻ بزار يا پاچي بزار،
سينچري بزار يا مينا بزار،
سنجها جو بس هجي سو ويلو،
هِتِ هُتِ زالن جو آ ميلو!

۳. باغ بغيچو يا چؤپائي،
جهرڪين خوب آ جهرمر لاتي،
ڏس ڳڱوُن ڳاري ٿو گيان ۾ گيلو،
هِتِ هُتِ زالن جو آ ميلو!

۴. ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ وڃن ٿيون،
ٿهي نڪي خوب اُتي گڏجن ٿيون،
ڏس! ڪئن وجهن ٿيون ڪلهن ۾ ٿيلهو،
هِتِ هُتِ زالن جو آ ميلو!

٥. نوڪر چاهي ٿورو ڪم پر پگهار گهڻو،
مالڪ چاهي ٿوري سيڙپ پر نفعو گهڻو،
ٿيو مُلڪ جو چرخو ڊانون ڊول،
دنيا ساري پولم پول!

٦. ٻاڙها ٻِل ۽ چپن تي گان،
ٻڍيون به لڳن اَڄ خوب جوان،
آهي سڀ اِهو ميڪپ جو رول!
دنيا ساري پولم پول!

٧. پريت جي به آهي اَڄ ريت نرالي،
پهريائين ڪر تون کيسا خالي،
پوءِ به ويٺو تون يار کي ڳول،
دنيا ساري پولم پول!

٨. ڳولهي ڳولهي تون پگلو بڻبين،
جيسين جيئين تون چوندو ڦرندين،
"منٿڙي مونکي رڻ ۾ نه رول!"
دنيا ساري پولم پول!

دنيا ساري پولم پول!

۱. ڏس هو سيٺيو ڪيئن نوٽ ڳڻي ٿو،
ويٺي ويٺي سندس حڪم هلي ٿو،
آهي پوُنجي پرائي، ڪٺي بنديگول!
دنيا ساري پولم پول!

۲. تلڪ لڳائي ٿا ساڌو سڏائن،
ڏس! نوَ نويلين سان ڪيئن اکڙيون اڙائن،
چپ ڪر، ويٺو هري هري ٻول!
دنيا ساري پولم پول!

۳. ڪاڌي پهري ٿا سيوڪ سڏائن،
ڏس ڪوڙا ڪڳر ڪيئن ٽنڪس ٻچائن،
چاپا لڳن ته ٿين پڌرا پول!
دنيا ساري پولم پول!

۴. هر چيز ۾ هٿ ملاوت آهي،
طاقت ڪنهن ۾ شيءِ ۾ ناهي،
ڪاٺ ڪٺي تون ڪهڙو ٻه ٽول،
دنيا ساري پولم پول!

سچ ٿو چوان
آهي شادي وڏو جنجال ري!

١. ٻار چنبڙي چون ٿا بابا بابا
”چا اوهان آهن اسانجا رانديڪا آندا؟
ٻڌايو جلدي نہ تہ مچايون ٿا شور ري!“
آهي شادي وڏو جنجال ري!

٢. زال چوي ٿي ”مسٽر ٻڌو ٿا :
چا اڄ توَ مون لاءِ ساڙهي سئنبل آندا؟
ڏسيو نہ تہ وڃان ٿي مان پيڪي ري!“
آهي شادي وڏو جنجال ري!

٣. امڙ چوي ٿي ”مون سنڌ - هند گهمي آ،
هنڙي نونهن نہ ڪٿي ڏٺي آ!
اچڻ سان جنهن رکيو آ رعب ري!“
آهي شادي وڏو جنجال ري!

٤. بابو چوي ٿو ”مون تو مان ڇا سک پاتو آ؟
هيڏو ناٽو پنهنجو ناحق توتي گنوايو آ!
هاڻ وٺي ونيءَ کي ٿي ڌار ري!“
آهي شادي وڏو جنجال ري!

مان ڪريان ٿي شادي

مان ڪريان ٿي شادي سڪي،
منهنجي اڄ اِها آس پُڄي،
هجن ساهرا منهنجا اهڙا،
جتي دلڙي پئي نچي ڪڏي!

هجي شل اهڙو پتي،
جنهنجي هجي هردم گتي،
پل پئي ناز نخرا ڪريان،
ته به گهور گهوران وڃي!

هجي شل اهڙو سهرو،
جيڪو ڪڏهن نه پوي کهرو،
پل پئي رُسي پيڪي ٽڪان،
ته به اڇي ۽ پرچائي!

هجي شل اهڙي سسُ،
جا هردم ڪائي ڪسُ،
پل پئي جهيڙا جهٽا ڪريانس،
ته به صدقي ساهه ڪري!

سکيون، توهين اچو ۽ مان اچان،
هردم محفل موج مچي،
پل هجن ڏير ڏيراٽيون،
پر ڪوئي نه ڪُڇي پڇي!

واهه واهه منهنجي رڪمڻي!

۱. ڪلياڻ، اَجمير ڪار گهميس،
باندرا جي هن پار گهميس،
اِهائي منهنجي دل کي وڻي،
واهه واهه منهنجي رڪمڻي!

۲. هڪ ته اِڪ ۾ آهي سنهڙي،
مٿان پائي ٿي ساڙهي سنهڙي،
پوءِ چلڪي ائين ٿي جيئن ڪڻي،
واهه واهه منهنجي رڪمڻي!

۳. ڪائي ڪاڄا پستا، ڪشمشيون بادام،
ڪيڇا پاپڙ تريل پڪل پيا طعام،
وري اٿس پلي سان دل گهڻي،
واهه واهه منهنجي رڪمڻي!

۴. ڪلمڪ ڪاچڙي ڪومل ڪلي آ،
سهڻي سوڊل جوءِ ملي آ،
سارو ڏينهن ڪري سينگار ڦٽي،
واهه واهه منهنجي رڪمڻي!

ناري مهما

جوءِ کي ريجهايو سالو پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اچي ڏڻ وار ڏيندو!

سس کي ريجهايو سهرو پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اچي گهور گهوران ويندو!

نونهن کي ريجهايو پٽڙو پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اچي آگيا پيي مڃيندو!

ڌيءَ کي ريجهايو جياٽو پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اچي سُڌ سماءُ لهندو!

اَمڙ کي ريجهايو بابو پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اچي جمع پونجي ڏيندو!

ڀيڻ کي ريجهايو جيجو پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اچي موج مستي ڪندو!

چو نہ ٿي پرڻائين امان؟

۱. يارن جي گهر شاديون مرادون
آنءُ اُتي ڪيئن وڃان؟
مان ڪنوارو اڃان
مونکي لڄ اچي ٿي امان.

۲. مان ننيڙو تہ ڪين ڪي آهيان
سڀ ڄاڻان ٿو سڃاڻان
پوءِ چو نہ ٿي پرڻائين امان؟
منهنجي آس پڄائين امان؟

۳. موهن جي لاڏي تہ چنبڙ آ!
هلي ايئن ٿي چڙ ڏيل آ!
مونکي ريس اچي ٿي امان
پوءِ چو نہ ٿي پرڻائين امان؟

۴. امڙ تنهنجي مراد جي خبر آ
شاديءَ ۾ چو دير ڪئي آ
تون ڏيئ گهرين ٿي گهڻا
چو ڪين ٿي پرڻائين امان؟

٥. ماڻهون چون ٿا آهي سست،
پر مونکي لڳي ٿي ڪافي چست،
چاهي چوي کو ڪجهہ بہ ڪٽي،
واهہ واهہ منهنجي رڪمٽي!

٦. سس سسُر جا پور نہ چاٽي،
ڪس ڪسر مان موُر نہ چاٽي،
رهڻ چاهي ٿي ڌار ڌٽي،
واهہ واهہ منهنجي رڪمٽي!

٧. فلئٽ وٺي ڏي مالڪ منهنجا،
لڪ لڪ ملجيندس ٿورا تنهنجا،
اڄ ئي لاٽري کول کٽي،
واهہ واهہ منهنجي رڪمٽي!

ٻاراٹيون

گُلڙا - ٻلڙا



٥. ڏيتيءَ ليتيءَ گهٽن جو گهر وڃايو آ
سگهرن کي به ڪنوارو بڻايو آ
اها مُور نه وڻبي امان
ڇو ڪين ٿي پرڻائين امان؟

٦. تو جي عرض نه منهنجو اگهايو آ
يا منهنجو ڇيو موٽايو آ
پوءِ ته لاڏي لَوَ ۾ ئي آڻبي امان
ڇو ڪين ٿي پرڻائين امان؟



۵. جنهن ۾، تنهن ۾ هٿ وجهي ٿي،
مٿو ڪوُڙو چڪي ڏسي ٿي،
ڇي ڇيءَ ۾ ٿي ليپا پائي،
ٻبلي منهنجي ريڙهيون پائي.

٦. ٽنگون ٻانهون اڃا ننڍڙيون،
ڄايون اٿس فقط ٻه ڏندڙيون،
تہ بہ ٻڪ ۾ چڪ ۾ شرط پڄائي،
ٻبلي منهنجي ريڙهيون پائي.

٧. ٻيهڻ لاءِ هاڻ ڪري تياري،
چال هنجي آهي نياري،
ڪِري پوڻ سان روئي شرمائي،
ٻبلي منهنجي ريڙهيون پائي.

٨. ٻار گهر جو آ سينگار،
بنا ٻار جي گهر بيڪار،
سچو ڏينهن سڀ کي وندرائي،
ٻبلي منهنجي ريڙهيون پائي.



ٻٻلي منهنجي ريڙهيون پائي

١. مکڻ مائو دوڌ ملائي،
جنهن سان هن آ دل لڳائي،
چانهہ ڊٻل ۽ ڪچڙي ڪائي،
ٻٻلي منهنجي ريڙهيون پائي.

٢. دادا دادا، بابا بابا،
ٽاٽا ٽاٽا لغڙ ڪاٽا،
جيڪو ٻڌي سوئي ڳائي،
ٻٻلي منهنجي ريڙهيون پائي.

٣. اڳڙيون پنا، گوليون چٽا،
ڪولِيون، ماڪوڙا، مکيون تڏا،
جيڪو ڏسي سو ڦاسائي،
ٻٻلي منهنجي ريڙهيون پائي.

۴. موٽر لاري، گڏي، جهولو،
چڪلو، ويلڻ، بسي ڪولو،
رانديڪن جا ڍير لڳائي،
ٻٻلي منهنجي ريڙهيون پائي.

بابي ڏنو روپيو!

بابي ڏنو روپيو،
روپئي ورتم ٻج،
ٻج وڌا ٻنيءَ ۾،
ٻنيءَ ڪيا ڪيچ،
ڪيچ وڪيا ڳوٽ ۾،
ڳوٽ ڏنا نوٽ،
نوٽ وڌا بئنڪ ۾،
بئنڪ ڏنا چيڪ،
چيڪ ڏنا بابا کي،
بابي خوش ٿي گلي لڳايو،
۽ اَمڙ پيار مان هٿڙو گهمايو!



پيارو ديش

واهه واهه اسانجو پيارو ديش،
سڀ ديشن کان نيارو ديش.

۱. پانت پانت جا ماڻهو اسان وٽ،
پانت پانت جون ٻوليون اسان وٽ،
تہ بہ ڪنهنجو ڪنهنسان ناهي دويش،
واهه واهه اسانجو پيارو ديش.

۲. مسجدون، مندر ۽ گردوارا،
هر ڪنهن جا رنگہ ڍنگہ نيارا،
تہ بہ ڪنهنجو ڪنهن تي ناهي ڪليش،
واهه واهه اسانجو پيارو ديش.

۳. مسلمانن جو الله اڪبر،
عيسائن جو يسوع پيغمبر،
هندن جو برهما، وشنو، مهيش،
واهه واهه اسانجو پيارو ديش.

۴. هر ملڪ سان رکون پائي چارو،
"وشوَ ۾ شانتي" اسان جو نعرو،
اسان جي نيتي ٻين کان وشيش،
واهه واهه اسانجو پيارو ديش.

۵. خالق خليقو آهي جهان،
تون بہ رهہ ۽ مان بہ رهان،
اِهو اسان جو آ سنديش،
واهه واهه اسانجو پيارو ديش.

۶. اَچو گڏجي هَٿ وڌايون،
نَوَ-ڀارت ساڪار بڻايون،
سهايڪ ٿيندو شري گڻيش،
واهه واهه اسانجو پيارو ديش.
سڀ ديشن کان نيارو ديش!

اِسڪول ٽائيم تي وڃڻ

بيت

ممي جلد ڪر کير ڏي،
اَجهو ٿو هاڻي گهنڊ وڄي.

روز وڃان ٿو دير سان،
کائي ڪُٽي کير سان.



دادي مونکي چڙهون ڏئي،
ڇوڪر سيئي کلن مون تي.

هاڻ مون سوچيو آهي،
پرواهه ناهي ڪُٽي ناهي.

فقط کير ئي پيئندو ويندس،
نه ته اهو به ڇڏي ويندس.

جيئن اِسڪول وڃين ٽائيم تي پهچان،
پل ٻوڙن ٻوڙون پائي پهچان.

چندا ماما جي شادي

هلو تہ هلون چوپاٽيءَ تي،
چندا ماما جي شاديءَ تي.

جلد سنڀرو گهر جا سڀ پاتي،
تارن گڏ اسان ٿيون باراتي.

آسمان جي ٿڌي هال ۾،
هوائون لڳنديون مست چال ۾.

ميوزڪ ماستر ٿيندو ساگر،
خوب وڄائيندو ڇم ڇم گهاگهر.

پکيئڙا منڙا گيت ڳائيندا،
بادل بود ۾ بئنبد وڄائيندا.

وڻ ٽڻ ٻوٽا ويس مٽيندا،
گل ڦل فضا ۾ عطر ڇٽيندا.

مور بہ نچندا راڳ ۽ رول،
ڦيريون پائي ڦرندا گول.

برکا راڻي ايندي ڊڪندي،
گهوٽ راجا کي لڪائي ڇڏيندي.

ٽم ٽم وسندي امرت ڌارا،
جهر جهر وهندا نديون ۽ نارا.

ڏسو انوکي هيءَ هڪ شادي،
جنهن سان ٿئي هرهنڌ آبادي!

برسات

ٽم ٽم ٽم ٽم وسي پاڻي،
ٻيل مور جي آهي راڻي.

راڻي ڪري ويٺي آ ماڻو،
ناچ نچي پرچائي راڻو.

ڪارا ڪارا ڪڪر ڪارا،
جن ۾ ڪن ٿا لڪ چپ تارا.

بلبليون طوطا نچن ٽپن ٿا،
منڊي منڊي لات لنون ٿا.

گلن ڦلن ۾ موج مچائي،
هرهنڌ آ هريالي ڇائي.

جهر جهر ڪن ٿا نديون نالا،
نچن ڪُڏن ٿا گوالا بالا.

هاري ناري پوکہ پوکن ٿا،
ڏسي کيتن کي گد گد ٿين ٿا.

آندي هرهنڌ خوشي برسات،
واهہ آ! قدرت جي سوغات!

واھہ واھہ منھنجو
آھي ڦوڪڻو!

لغڙ وانگر ڪيس اُڏايان،
ٽٽيءَ ٽڏيءَ کان ڪيس بچايان،
من منھنجي جو آھي ملوڪڙو،
واھہ واھہ منھنجو آھي ڦوڪڻو
!

ڪيس ٿو باندر، ڀلو بڻايان،
يا جھنجھڻ ۽ دِلو بڻيائان،
لسو لسو آ خوب لچڪڻو،
واھہ واھہ منھنجو آھي ڦوڪڻو!

عجيب ھن جو آھي لقاءُ،
اوچتو ڦاٽي ڪري ٺڪاءُ،
ڦيري وجي ٿو منھن مُرڪڻو،
واھہ واھہ منھنجو آھي ڦوڪڻو!

منھنجو ھن سان آھي پيار،
چاھي مميءَ جي کان ٿو مار،
رُسي وڃان ٿو ڳاڙھو چِلڪڻو،
واھہ واھہ منھنجو آھي ڦوڪڻو!

چولن وارو

مان چيبيلو چولن وارو،
ممبئيءَ ۾ آهيان خوب پيارو.

چولا منهنجا ائڪٽر کائن،
امير وزير تا گهر گهرائن.

ڪين هٽان تو ڪائي پٽاڪ،
اتو منهنجي هرهنڌ هاڪ.

چاپ پٽاٽي جي جو ڪائي،
ماس مڇيءَ ڏانهن منهن نہ ورائي.

جو پيي ڪائي منهنجا چولا،
ڪين ڪندو ڪڏهن ڪي پولا.

اي.بي.سي. منجهہ وٽامنس آهن،
تڏ زڪام کي جلد پچائن.

چٽٽي بہ اتو چشڪيدار،
واهہ! بيهہ ڪُني جا خوب مزيدار!

ڪائي خوش ٿي موج منايو،
جئہ هند ڳايو جئہ سنڌ ڳايو!

گول گپن وارو

مان ''گيانو'' گول گپن وارو،
ٻارن ۾ آهيان خوب پيارو.

اڇو تہ ڪارايانوَ گول گپا،
اٽو ڪائڻ ۾ سُٺا ۽ سستا.

سٺي مئدي مان ٺاهيا آهن،
ساڃي گيهہ ۾ تريا آهن.

ڪانہ هٽان ٿو ڪائي ٻٽاڪ،
اٿوَ منهنجي مرهنڊ هاڪ.

چٽني بہ اٿوَ چشڪي واري،
پيئو ٻيل چاهي مٺي، کاري.

هڪ هڪ ڪائو ٻيل مفت ۾،
جلد جلد وڃندا وجو وات ۾.

پسند پوڻ تي پئسا ڏجو،
نہ تہ ائين ئي ٻاڄندا وڃجو.



جو چانهه پيئي ...؟

جو چانهه پيئي، سو سست ٿئي،
ڏند ڏيرا ٿين، ڏاڍا ڳدلا لڳن.
هاضمو چٽ ٿئي، طاقت گهٽ ٿئي،
نظر گهٽبي وڃي، شڪل مٽبي وڃي.
نہ ڪو وقت ڏسي، نہ ڪو مند ڏسي،
ڇڪي چانهه چڙهي، پئي ڪٽلي سڙي.
منهنگائيءَ چيلهہ ڀڳي، ڪهڙي عادت لڳي؟
دانهن هرڪو ڪري، پاسو ڪونہ ڪري.
اَچو پرڻ ڪريون، ڪين چانهه پيئون،
ڏاڍو خرچ بچي، سٺي صحت رهي.



ڀاءُ ڀيڻ

ڀيڻ ڀاءُ جو رهندو پيار،
جيسين آهي هي سنسار.

ڀيڻ : مامو ايندي مامي ايندي،
راجوءَ جي هاڻ ٿيندي شادي،
ڪنوار راجوءَ جي بلي بلي،
پوءِ ڇو نہ لوڏ سان هلي هلي!
ڪنوار جو نالو آهي راڻي،
پر ويچاري آهي نماڻي.

ڀاءُ : ڀائو ايندو ڀاڀي ايندي،
شيلوءَ جي هاڻ ٿيندي شادي،
شيلوءَ کي وٺي ويندو گهوٽ،
پائي سهڻو سهڻو ڪوٽ،
گهوٽ تہ آ راجا جو سالو،
پر ويچارو آ پولو پالو.



ماکيءَ جون مکيون



١. اسين آهيون ماکيءَ جون مکيون؛
گڏجي رهون سڀ ٻڌجي سکيون.
ماڻهو اُجاڙين گهر اسانجا ڪيترو به؛
پر اسين آهيون سڀ الهه رکيون!

٢. اسين ڏيون سدا سڏ ۾ سڏ؛
سڀ جو هر لاءِ ڪرڪي هڏ؛
ڏيون صبح سويرو گلن تي ڦيرو؛
رس ميڙي موٽون گهر گڏ!

٣. اسان تي جيڪو ڪريٿو وارو؛
سڀ گڏجي ڪريون اُن تي مارو
پر جي ڪو ٻڌجي زور ظلمي



ته ستت ڇڏيون اُن جو پاڙو!

٤. اسين پاليون نه صرف پنهنجو عيال؛
پر ٻين جو به ڪريون گڏوگڏ خيال؛
ماکي سڀ جي صحت ٺاهي ٿي؛
نت کائي جيڪو جيئي سؤ سال!

٥. اسان مان سکه، ڙي مورکه اِنسان؛
ميل ميلاپ آ سڀ کان مهان.
ٻڌيءَ سان اسان جيتامڙيون ڏس؛
تيون ٺاهيون ڪمڙو نه سهٽو مڪان!



جو شراب پئي...؟

جو شراب پئي، سو خراب ٿئي؛
ڏند ڏيرا ٿين، ڏاڍا گدلا لڳن!

چپ چٽ ٿين، ڦڦڙ ڦٽ ٿين؛
آنڊا سڙي وڃن، جيرا جلي وڃن!

نظر گھٽبي وڃي، شڪل مٽبي وڃي؛
شرابي لڏوندو رهي، گاريونن ڪيندو رهي!

جوش وڌندو رهي، هوش ويندو رهي؛
ڪين هوُ ڪنهنجي ماڃي، گھر سندس رلي وڃي!

شل ڪيس سمجھ اچي، اِها عادت مٽجي وڃي؛
ڪافي پئسو بچي، صحت پڻ سٺي رهي!



جڻ مائي جڻ

۱. جڻ مائي جڻ، ڪھڙي ڪائين شيءَ!
مائو يا ملائي، ڪنھن ۾ آھي لڻ!

۲. چؤ مائي چؤ، ڇا جو ڪرين ڀؤ،
ٻلي ڪاڻ ايندي، ڪائي ڪر ڏؤ!

۳. ٻول مائي ٻول، مڪڙي ڪي ڪول،
نڪ آھي منڙو، مٿو ٿئي گول!

۴. تون مائي تون، ڇا چيو مون،
ڇا جو آھي رينگٽ، ڇو ڪرين رؤن!

۵. ڪير مائي ڪير، ڇپڙا نہ ڦير،
ڏيانءِ ٿو پاٽي، ڇو ٿي ھٽين پير!

۶. چٽ مائي چٽ، مڪڙ ماکي چَٽِ،
اڱون ڪرين ٿي، تون بہ ناھين گھٽ!

۷. سيءُ مائي سيءُ، چانھہ چڪي پيءُ،
جيئي تنھنجي جياجل، جھوُمين تنھنجو پيءُ.

۸. ڇو مائي ڇو، ڪانءُ ڪري ڪو،
ڏيانءِ ٿو لولي، ھاٽي سمھي پوُ!

منهنجا ننڍڙا شير آءُ



منهنجا ننڍڙا شير آءُ،
منهنجو تو ۾ آهي ساهه،
منهنجون تو ۾ آهي ساهه،
ڪين لڳندءِ ڪوسو واءُ!

۱) ريڙهيون پائي تون پير چُمين ٿو،
ڦيريون پائي سڄو گهر بہ گهمين ٿو،
ڏسي ٺري تنهنجي ماءُ ...! منهنجا ننڍڙا ...

۲) اُٿڻ جي تون ڪوشش ڪرين ٿو،
ڪوشش ڪندي تون ڪري بہ پوين ٿو،
ڪڏهن ڪين لڳندءِ گهاءُ ...! منهنجا ننڍڙا ...

۳) هن هُن ۾ تون هٿڙا وجهين ٿو،
مٿو ڪوڙو تون چڪي ڏسين ٿو،
وٺ ڪير يت ڪاءُ ...! منهنجا ننڍڙا ....

۴) اُڱون اُڱون ڪري اِشارا ڪرين ٿو،
هنج ڪٽو هاٿي ائين بہ چوين ٿو،
بابو مُرڪي ڏسي اُتساهه ...! منهنجا ننڍڙا ....

۵) جهلي هٿن ۾ جهنجهڻ وڄائين،
ائين لڳي چڻ اسان کي ريجهائين،
پيڻ سمجهي توکي ٿواءِ ...! منهنجا ننڍڙا ....

۶) آهين سڀاجهڙو جڳ جڳ جيئندين،
ونڙي وٺي تون جوين ماٽيندين،
ڪريون صدقي تو تان ساهه ...! منهنجا ننڍڙا ...

(پنهنجي پوٽي ''جيت'' تان متاثر ٿيندي)

سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار

۱. ڪير، مکڻ، ڏڌ، لسيون جام
کائيندا هئاسين پستا، بادام
مشڪل سان ڪو ٿيندو هو بيمار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

۲. ڏڌڙي، ڏوڪا، بيهه ۽ پوُريون
لوڙهه، اڪڙ، ڊنگريون ۽ موريون
اڄ به ڏِسِن جي تن ۾ تار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

۳. هڪ ڪمائي ڪٽنب پيو کائي
ته به ٿوري ٿوري رقم پيو ڳاهي
هت هرڪو هڙ هڙ ڪري چمار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

۴. ڪشادا ڪمرا، اڱڻ، اوطاقون
مهمان رهندا هئا راتين جون راتيون
ته به ڪو نه ڪڏهن ٿيندو هو بيزار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

شاعراڻي محفل



هيڏانهن ڀڏين ٿي؟

گهري تون سونو سڳو ۽ ساڙهي،
روز منهنجي پٽين ٿي ڏاڙهي.

منڙي مان ڇا ڪريان؟
ڏسي پنهنجو کيسو، ڪنهان ٿو ڪياڙي.

ڪهڙيون ڪهڙين گهرجون
پوريون ڪجن، ٻڌاءِ؟
خرچ اڳي ئي ٿي ويا آهن ڀاري.

اسانجي ڇهن ڏہن جي ڳاڏيءَ کي
هڪڙي لڳل آ اِنجڻ
سا تہ ڏيري ڏيري چڙهندي
گهٽيون، گهاٽ، چاڙهي.

ڏِس ڏاهي ٿيءُ
نہ ڊاهہ پنهنجي پونگي
ڏسي ٻئي جي ماڙي.

سدا ڏينهن ساڳيا رهڻا تہ ناهن
هڪ ڏينهن اسان وٽ بہ
ضرور هوندي موٽر ۽ لاري.

۵. ياءُ ياءُ کي کٽي وڻندو هو
هر ڪنهن جو اِهو فرض هوندو هو
هت ڪو نہ لهي ٿو ڪنهنجي سار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

٦. سادي رهڻي، سادي پوشاڪ
ڪين هئا سوڙها ڪرتا، لنبا فراڪ
هت فئشن تہ ڇاهي! اُفٽ مار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

٧. ڪاڪو رهي ٿو ڪانپور
تہ نانو رهي ٿو ناگپور
ملڻ بہ ٿيو آ، هت دشوار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

٨. قدرت اسان سان قهر ڪيو
ٻارن کي ماءُ کان جدا ڪيو
هاڻ جيڄل بن اچي ڪيئن قرار
سنڌڙيءَ کي ٿا ساريون يار.

اکڙيون

اکڙين منجهہ، نہ ذات پريوار.
اکڙيون ٽين، اکڙين جو شڪار.
اکڙين جو آ، عجب اِسرار.
اکڙيون ڪن ٽيون، اکڙيون چار.
اکڙيون جتائن ممتا ۽ پيار.
اکڙيون شوخيءَ جو اظهار.
اکڙيون ترسن، ڪن انتظار.
اکڙيون ٻڏائن، آ ڪمڙو ٻاخار.
اکڙين مان ڇلڪي، ميءَ جو خمار.
اکڙيون نرگسي، وڏائن نخار.
اکڙيون ڏک ۾، وڃائين قرار.
اکڙيون رئن، جئن وهي ڦؤهار.
اکڙيون آهن تہ آهي سنسار.
”گيان“ اکڙين جو آهي شڪرگذار.



منهنجا ادا

سنڌيو! سنڌي سڏايو، ملي ميلا مچايو.
چمڪ چير پايو، نچو لاڏا ڳايو.
درياهہ دلي ڌاريو، سنڌي سڏي ساريو.
سنڌي پڙهو پاڙهيو، ڪوڙو شان ماريو.
جيجل ڪيئن پلايو؟ جنهن جيءُ جياريو.
ڏيتي ليتي ڌڪاريو، ڏائڻ ڏيهہ ڏاريو.
سادي جيون گھاريو، ”سنڌي“ مثال بڻايو.
هرهنڌ پاڻ ملهايو، سنڌو نام ڪمايو.
جئہ ”جھولي“ ڳايو، جئہ ”لعل“ ڳايو.



فاحش ڳانا، ننگيون فلمون،
لڄ ۾ لڪي پيو شرم حياءُ.

لنگوُر پڃائن ٽا حوُرن کي،
اکيون پوري ويٺو آ نياءُ.

پئسي پٺيان اڄ سڀ جي ڪاهہ،
ڪاهہ بہ اهڙي جو ڏيهنِ ۾ ڏهڪاءُ.

جت ڪٿ اڄ آ ڀوڳ ۽ روڳ،
ڌرم ڪرم ۾ ناهي ويساهہ.

اڄا تہ مٺڙا اڳتي ڏسبا،
ڪلجڳ جا ڪيئي نوان لڦاءَ.



ڪلجڳ

زماني ۾ اهڙو لڳو آ واءُ،
ڀاءُ جو دشمن ٿيو آ ڀاءُ.

پٽ پيءُ کي ٿو اکيون ڏيکاري،
سور دل ۾ سانيي جيئي ٿي ماءُ.

مڱ سيني تي نونهن ڏري ٿي،
سسُ جو بہ گهٽ ناهي ڏاڍ دٻاءُ.

ڪير ڇوي ڙي ڪنهن کي يار،
هت هرڪو اڄ آ آپي شاهہ.

چيلا چمچا ماڻن موجون،
عقل اڄ چري پيو گاهہ.

رام ڪري راوڻ جي پوڄا،
اڄ ڪٿي آ مريادا ۽ آدر ڀاءُ.

هنس ويچارو پيٽ بکيو آ،
موتي اڄ چڳي ٿو ڪانءُ.

۴. جڳھ ۾ يارو ڪي پينر پائي
چت چورائي، ڏين جدائي
رئن اکڙيون، روئي وفائي
ٻڌن مور نہ دل جي دهائي
اهڙن ماڻهن کان ڪريو ڪنارو
جي چاهيو جيون سکدائي.

۵. جڳھ ۾ يارو ڪي پينر پائي
ٻڌائن ٻالهيون مست چرچائي
سڪ پيار جي وڄائن شهنائي
تيري ميريءَ جي وات نہ وائي
اهڙن ماڻهن سان ڪريو سنگت
جي چاهيو جيون سکدائي.

٦. جڳھ ۾ يارو ڪي پينر پائي
ٻين جي دکہ ۾ ٿين دکدائي
پاڻ پُلائي، ڪن ڀلائي
پسن سڀ ۾ نور خدائي
اهڙن ماڻهن کان پرايو گيان
جي چاهيو جيون سکدائي.



جي چاهيو جيون سکدائي

۱. جڳہ ۾ يارو ڪي پينر پائي
ڪائن پنھنجو پاڇار پرائي
ڇڏي گٽن ڪي، ڏسن برائي
گھري گھرن ۾، چيڙن لڙائي
اھڙن ماٺھن کان ڪريو ڪنارو
جي چاھيو جيون سکدائي.

۲. جڳہ ۾ يارو ڪي پينر پائي
خرچين پنھنجو پئسو نہ پائي
خوب پڏائي، ڦرن ڪيسائي
مٺي وھاري، ڪين ترائي
اھڙن ماٺھن کان ڪريو ڪنارو
جي چاھيو جيون سکدائي.

۳. جڳہ ۾ يارو ڪي پينر پائي
پنھنجي ھر ھر ڪن وڏائي
ٻين جي بات ٻڌن نہ ڪائي
ھٺن گپوڙا، لڳي نہ پائي
اھڙن ماٺھن کان ڪريو ڪنارو
جي چاھيو جيون سکدائي.

مرداڻو من

مرداڻي من جو، سچ ڪريان ٿو بيان،
ٻڌاڪي نہ آهيان، آهيان صرف ”گيان“،
ڏجو اوهان ڏيان، پل ڪي انڪار ڪن!

پل ڪي اِنڪار ڪن، آهي سي ٺڳ،
لڪي لڪي للچايون ڪندا، گهمندا گهٽا ڏڳ
وٺو تن جا اڳ، تہ ظاهر ٿين جهان ۾!

ظاهر ٿين جهان ۾، ڪُلن تن جا پول،
ٻگهلا پيڳت بڏبا، منهن تي منڊا ٻول،
ٻڌا هنن جا رول، فاني هن جهان ۾!

فاني هن جهان ۾، ٻيو هجي يا جوان،
چورين پڻيان چريو، پل مڙد هجي مهان،
مشڪل اچي ”گيان“ هن مرداڻي من ڪي!

آدرشي جيون

مان چوان ٿو منهنجو آ،
تون چوين ٿو منهنجو آ.

ڪير ٿو ڄاڻي ڪنهنجو آ،
تنهنجو آ ڪِ منهنجو آ.

هي اجايو جهيڙو آ،
سمجهہ سمجهہ جو ڦيرو آ.

هي دنيا جو گهيرو آ،
بندو هردم ميرو آ.

ڇڏي سڀ ڪجهہ هلڻو آ،
نيڪي نانءُ ئي رهڻو آ.

ڏني مان توکي ڏيڻو آ،
رنج نہ ڪنهنجو ڪٽڻو آ.

بابل ڪرڻو پرڻو آ،
سڀ ڪي ليکو ڏيڻو آ.

ايرڪا دويش کي ڪيڻو آ،
پريم پيار کي ونڊڻو آ.

منو چوڻو ڪرڻو آ،
نام هريءَ جو جپڻو آ.

پڄ گووندم پڄڻو آ،
جنم سڦلو ڪرڻو آ.

عاشقيءَ جون ڳالهيون

ڳل ڳل گلاب جيان، وري وار ٿئي ڳهنبي،
اوري آءٌ تہ پايانءِ هيرن جي منبي،
اها مڃي ٿئي لُنبي، جنهن آ چت چريو ڪيو!

ڇا تہ تنهنجو مکڙو آ! ڇا تہ تنهنجا وار!
آهين عمر اڏيڙ جي، پر لڳين ٿي دلدار،
اڄ تہ ڪريون پيار، مار ڳولي زماني ڪي!

هڪ تہ اڄ آهين سُهڻي، مٿان سوين ڪرين سينگار،
سنان ڪرين ٿي حوديءَ ۾، ٻاهر سڪائين وار،
اهي وار ئي ڪن ٿا وار، جو اُس ۾ چمڪن سون جيان!

مال ۽ رومال ۾ تون آهين مالا مال،
ٻين ۾ ڇا رکيو آ، آهن سڀ ڪنگال،
پر اُهو ٿئي نهال، جنهنکي ملي، مٺڙي مرڪ تنهنجي!

سهڻي تہ تون ئي آهين، تنهنجو ڪوئي ناهي مٽ،
مان پنهنجي لاءِ ڇا چوان، آهيان پورو چٽ،
ويتر سونهن ڏسي تنهنجي، ٿي ويو آهيان چٽ،
هاڻ ڪيئن هلايان هٽُ، جو سارو ڏينهن ساريان توکي!

سهڻي لڳي ٿو توسان اڳلي جنم جو ناتو آ،
ورنا هيءَ عمر ۽ عاشقيءَ جون ڳالهيون؟

سُهڻي


سهڻي تنهنجي سونهن جو، مان ڪهڙو ڪريان بيان!
جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرين ٿي، ٿو سڀ جو ڇڪجي ڌيان،
خود ڀڳوان آ حيران، ڏسي تنهنجي جوڀن کي.

ڏسي تنهنجي جوڀن کي، حيرت ۾ آ ڳوٺ!
مٿي نهار منٿڙي، اِندر جي ٻه نيت ۾، لڳي ٿو اڄ ڪوٺ،
سگهو گهر موٽ، ورنا اچي بادل ڇيڙيندءِ بود ۾.

بادل ڇيڙيندءِ بود ۾، هوائون ٻه لڳنديون مدهوش،
ڏسي هئڙو حشر، مونکي ڪيئن نه ايندو جوش،
ٿيءُ نه احسان فراموش، اڄ ته پرچون پاڻ ۾.

اڄ ته پرچون پاڻ ۾، ڇا جو پنهنجن سان حجاب،
قسم سان توکي ڀانيان ٿو مان، سچ پچ ٻي حساب،
شل ڀلو ٿيندو ڀاڳ، مهر ڪر هن مسڪين تي.

مهر ڪر هن مسڪين تي، هن مٺيءَ جو ٿئي مان،
پريت جي هن پيچ ۾، ٻنهي جو آ شان،
اڄ ته گهوريون جند جان، عاشق ٻڻجي اصلوڪا.



گيت

وچ نہ ڇڏي مونکي پرديس متا،
تو لاءِ آهن مون ڏاڍا ڏکہ ڏٺا!

١. ناڻو اُتي تون خوب ڪمائيندين؛
پر پيار هتان جهڙو ڪين پائيندين؛
پوءِ توکان ڪيئن ويندءِ ٻيلي سوُر سٺا!
وچ نہ ڇڏي ...

٢. سهڻيون اُتي توکي گهڻيئي ملنديون،
پر مون جهڙيون ڪا ورلي هوندي،
جنهن جا خوب هجن ٻيلي ٻاڙها ٻَتا!
وچ نہ ڇڏي ...

٣. يا تہ ڇرڪين ٿو تون جوابداريءَ کان،
يا تہ ڀڄين ٿو ڪنهن مجبوريءَ وچان،
مان تہ ڪڍنديسانءِ ٻيلي مطلب ٻتا!
وچ نہ ڇڏي ...

٤. اڃان بہ جي وڃڻ چاهين، وڃ ڀلي؛
تيسين مان ويهنديس پنهنجي دل پَلي،
پر ايندي ئي ڪرڻا ٿئي ٻيلي ڇڪتو ڇٽا!
وچ نہ ڇڏي ...

گيت

آنءُ اچان ٿو وٽ سهٽي،
ويھج ٿورو ٺمي ٽُڪي!

١. ڏينھن گذاريم ٿو بن سهٽي،
رئندي رڙندي سڪي سڪي!
آنءُ اچان ٿو ...

٢. اڪڙيون ڏسنديون توکي سهٽي،
ليئڙا پائي لڪي لڪي!
آنءُ اچان ٿو ...

٣. ماٺيندا سين نشو نينھن جو،
چاڙهي ٿوري چُڪي چُڪي!
آنءُ اچان ٿو ...

٤. چپ ملائي چپن سان وٺبو،
چاش جو چشڪو چکي چکي!
آنءُ اچان ٿو ...

٥. چو ٿي چرڪين لوڪ ڀوڪ ڪان؟
مات بہ ڪندا بکي بکي!
آنءُ اچان ٿو ...

نياٽيون هجن يا پٽڙا، ڄائي ٻنهي ساڳيا سور؛
پر ڌيئر وڌي ڏين پور، جو ڏيبن ڏکايو ڏيهه کي!

زال هجي يا ماءُ، ڀيڻ هجي يا ڀاءُ؛
لڳو آهه اهڙو واءُ، جو سوڙ سوري هرڪو پاڻ ڏي!

نونهن هجي يا سس، نراڻ هجي يا ڀاڄائي؛
جا به ڪائيندي ڪس، نيڪي ڪيندي جهان ۾!

پئسي پٽيان پاهه، ٽيندو رهندين ڪيترو؟
جڏهن ويندءِ ساهه، دمڙي نه نيندين پاڻ سان!

ڏاها چون: ماءُ ڄٽيندي پٽڙا، ونڊي نه ڏيندي ڀاڳ؛
ڪي پيا ڪائن مال مليندا، ڪن جي قسمت ۾ سڪو پوڀو ۽ ساڳ!

مکت کويتا

١. صبح جو اِهائي اون هوندي آهي،
متان گھر واري کا فرمائش نہ ڪري!

٢. جھڙي تھڙي نيرن کائي گھران نڪربو آهي،
باقي ڏکن-ٿاٻن سان پيٽ ڀربو آهي!

٣. آفيس ۾ دير سان پھچڻ ڪري ملن دڙڪا،
گھر اوير اچڻ سان رهي گھرواري خفي!

٤. وري صبح جو شروع ٿئي ٿو ساڳيو چڪر،
جڻ ڪو ڏاند ڦرندو هجي هڪ گھاڻي ۾!

پري پاڪي سنڌي

پولي

۱. جوءِ ۽ زال ۾، ملڪيت ۽ مال ۾،
ورهيہ ۽ سال ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۲. ميءِ ۽ شراب ۾، پڄ ۽ ثواب ۾،
سپني ۽ خواب ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۳. سنجها ۽ شام ۾، پڳتيءَ ۽ نام ۾،
واسنا ۽ ڪام ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۴. نخري ۽ ناز ۾، نوڙت ۽ نياز ۾،
ڳجهہ ۽ راز ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۵. ڪينهوءَ ۽ بال ۾، چنيءَ ۽ ٽپال ۾،
موت ۽ ڪال ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۶. دڪان ۽ هٽ ۾، دلي ۽ مٽ ۾،
چوپائيءَ ۽ ڪٽ ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۷. ديا ۽ مهر ۾، ڇول ۽ لهر ۾،
پٽ ۽ قهر ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۸. رسوئيءَ ۽ روٽيءَ ۾، سست ۽ ٽوٽيءَ ۾،
ٿلهيءَ ۽ موٽيءَ ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

۹. هلت ۽ چال ۾، مڪر ۽ ٽال ۾،
اوطاق ۽ هال ۾، ڇڏايو ڪهڙو فرق آ؟

مهانگائي

هڪ تہ آهيون قسمت جا ماريل،
مٿان وري روز مهانگائي ماري ٿي!

۱. سورت وڃي ڏسو يا سيالڪوٽ،
ساڙهيءَ جي دام ۾ پيو ملي پينٽي-ڪوٽ!
ڊريس جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو،
اُنجي نجو سلائي ماري ٿي!

۲. پستڪ جي قيمت ۾ ملي ٿي بندي،
سون جي اگهہ ۾ پئي وڪامي چاندي!
ڳهڻ ڳٺن جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو،
اُنهن جي صرف گهڙائي ئي ماري ٿي!

۳. رکي ”فئملي“ پنهنجي دور ڳوٺ ۾،
رهون ٿا ڇڙا-پڙا شهر ۾!
جاءِ خريدڻ جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو،
فقط ماهياني مسواڙ ئي ماري ٿي!

۴. ڪٽنب يوجنا وارن جي آ صلاح عمدي،
بهتر اٿو جلد ڪرائي ڇڏيو نسبندي،
پالنا جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو،
اڄ ٻارن جي رڳو پڙهائي ئي ماري ٿي!
هڪ تہ آهيون قسمت جا ماريل،
مٿان وري روز مهانگائي ماري ٿي!

٦. گھٽيءَ ۽ گھاٽ ۾
چرچي ۽ چماٽ ۾
چونبد ۽ لاٽ ۾
گھٽو ئي فرق آ

٧. ماک ۽ مينھن ۾
رات ۽ ڏينھن ۾
ٻڪريءَ ۽ شينھن ۾
گھٽو ئي فرق آ

٨. پوُريءَ ۽ پڪوان ۾
پيِٿيءَ ۽ پان ۾
گھر ۽ دڪان ۾
گھٽو ئي فرق آ



گھٽو ئي فرق آ

١. ڀاءُ ۽ ڏير ۾
پاءُ ۽ سير ۾
هٿ ۽ پير ۾
گھٽو ئي فرق آ

٢. ساليءَ ۽ سس ۾
ڪسر ۽ ڪس ۾
لاڳه ۽ رس ۾
گھٽو ئي فرق آ

٣. نانيءَ ۽ ڏاڏيءَ ۾
ٿالهيءَ ۽ چاڏيءَ ۾
ڳچيءَ ۽ ڪاڏيءَ ۾
گھٽو ئي فرق آ

۴. رڪيل ۽ زال ۾
حرام ۽ حلال ۾
مهني ۽ سال ۾
گھٽو ئي فرق آ

٥. بمبئي بيڪانير ۾
جئپور جيسلمير ۾
ڍنڍ ۽ ڍير ۾
گھٽو ئي فرق آ

ڳيت

(١)

مٺڙي ايڏو ڪين ترساءِ
ڪجهه مون ڏانهن ڀي نهار
مان آهيان تنهنجو دلدار
کهڙي ڪئي مون چوري، او مٺي چوري

(٢)

اُهي راتيون توکان ڪيئن ڀلجن
اُهي ڳالهيون توکان ڪيئن وسرن
جتي هو پيار جو اظهار
اُن کي تون تہ نہ وسار - کهڙي .....

(٣)

جيسين سج ۽ ڌرتي آهي
سدا ساٿ اسانجو آهي
اهو تنهنجو هو اقرار
اُن قول کي تہ پاڙ - کهڙي .....

(٤)

کهڙي خطا مونکان ٿي آهي
جنهنجي سزا ايڏي ملي آهي
ڪر هاڻي مونکي معاف
ڇڏ ڪاوڙ کي وسار - کهڙي .....

رباعيون

(۱)

شان، شوقت، دٻدٻو سڀ چار ڏينهن
هٽ، وڏائي ۽ گهمنڊ بہ آهي چار ڏينهن
هي حسن ۽ جواني بہ آهي بي بقا
ڏس چنڊ جي چانڊوڪي بہ چار ڏينهن

(۲)

هل هلي وسايون ڪٿي پيار جو گهر
دور دنيا کان نہ ٿيندو ڪنهنجو ڏر
دنيا ڪيو خوار ۽ لاچار آهہ
ڇڏ اُن کي، وري ياد نہ ڪر

(۳)

ڪمال آ! اُهي راتيون تو ڪيئن ڀلايون
اُهي پيار جون باتيون تو ڪيئن وساريون
بس ايتري ۾ ئي وسري ويئہ
اُهي قول ۽ اِقرار جون ڳالهيون

(۴)

گيت ڏنم ڪنهن هڪ سمپادڪ کي
تہ جيئن هو ارپي پنهنجي رسالي کي
آکيائين هي گيت! جن ۾ نہ معيار نہ ماپ
پر تہ بہ الاجي ڇو وٽن ٿا ڏاڍا من کي

سهڻا سخن

دليون دلين سان ملائي ته ڏسو،
نفرت جي ديوار ڪيرائي ته ڏسو!

پنهنجا دکڙا روئڻ مان ڇا ورندو،
ڪڏهن ٻئي جا ڳوڙها ڀراي ته ڏسو!

ٻين جا عيب ڪولڻ سؤلا آهن،
ڪڏهن پنهنجي پٽ ورائي ته ڏسو!

ٻين کي پرٻوڌ ڏيڻ بدران،
پهريون پاڻ هنڊائي ته ڏسو!

سُور دل ۾ سانڍڻ سان ڇا ٿيندو،
ڪنهن دلبر سان هال اوري ته ڏسو!

دوستن جي دوستي چڱي آ پر،
ڪڏهن دشمن کي به گلي لڳائي ته ڏسو!

گهرڻ ۽ وٺڻ ۾ ڪٿي آ خودداري،
ڪڏهن ٻئي کي ڏيئي ۽ ڏيئاري ته ڏسو!

گيت

جانب سگهو هلي آءُ
سوڍل سگهو هلي آءُ
۱. تو بن ساڄڻ ماندي
پانيان پاڻ کي ٿي باندي
اڄ تہ ڪريون ڪو پرچاءُ
جانب سگهو هلي آءُ
۲. لڪ چپ ڪن ٿا بادل تارا
فزا ۾ مستي، مست نظارا
ڏسي وڏي ٿو دل جو گهاءُ
جانب سگهو هلي آءُ
۳. در تي ٿئي ٿو کڙڪو
دلبر دل ۾ ٿئي ٿو دهڪو
اَڄ تہ من ڪو پوي ساهہ
جانب سگهو هلي آءُ
۴. ڪانہ هير ڪا سڌ
ٿيندي مونسان هنڙي جٽ
ويٺي هاڻ ڪريان پڇتاءُ
جانب سگهو هلي آءُ
۵. لڳي آ دم دم تنهنجي جهوري
دلبر چت ڪيو تو چوري
ٿيو آ هرهنڌ هل هلاءُ
جانب سگهو هلي آءُ

سھڻا سخن

وڙ آھي تہ دُڪان آ
صفائي آھي تہ مڪان آ
سمجھہ آھي تہ اِنسان آ
چريتر آھي تہ مھان آ
سادگي آھي تہ شان آ
غرب مان آھي تہ ڀڳوان آ
جيءُ آھي تہ جھان آ
ان آھي تہ ايمان آ
ديا آھي تہ ڏنوان آ
غريب آھي تہ ڀڳوان آ
هِمٿ آھي تہ ٻلوان آ
دل آھي تہ جوان آ
لڪل آھي تہ دان آ
ٻليل آھي تہ ”گيان“ آ.

خود کائڻ پيئڻ ۾ چا رکيو آ،
ڪڏهن ڪنهنکي ڪارائي پيئاري تہ ڏسو!

پيار ۽ ميلاپ ۾ بہ مزو آ پر،
ڪڏهن ڪنهنجي جدائي ڳهاري تہ ڏسو!

”مان ۽ منهنجو“ اهو راڳہ هرڪو آلاپي ٿو،
ڪڏهن ”تنهنجو ئي توکي ارپڻ“ ڳائي تہ ڏسو!

اوهان جا بيٺل پينگها پاڻهي لڏندا،
هڪوار ”لالڻ“ سان لنوَ لڳائي تہ ڏسو!

ماءِ ڙي قسمت

ماڻهو ويا موڪلائي،
مردن ڪمڙو ڏوهه،
قسمت ڪيو ٻوهه،
جو اَڙايائين اهڙن سان!

جو ڙيائين اهڙن سان،
هاڻ پيا ٿا لڇون،
چئه ڪنهن سان ڪڇون،
آهي ڪو هڏڻ وارو!

آهي ڪو هڏڻ وارو،
هت هرڪو آپي شاهه،
چئو سچ ته ٻري ٿي باهه،
ڪوُڙ تي اسان هريل ناهيون!


ڪوڙ تي اسان هريل ناهيون،
ته به رشتو ناتو ڇنڻ مشڪل آ،
هن ڇل ڪپٽ جي دنيا ۾ يار،
سڄن سادن جو ته جيئڻ به مشڪل آ!

سھڻا سخن

بيڪار ڪان آ بيگار ڀلي،
سونهن ڪان آ سنوار ڀلي،
زبان ڪان آ تلوار ڀلي،
خزان ڪان آ بهار ڀلي،
نر ڪان آ نارِ ڀلي،
ڪلڪل ڪان آ ڏار ڀلي،
دلبر جي آ سار ڀلي،
پنھنجن جي آ ميار ڀلي،
جوئا ۾ آ هار ڀلي،
غصي ۾ آ ٿار ڀلي،
لُچي ڪي آ مار ڀلي،
”گيان“ واھ جي تو آڳالھ سَلي!

دل چاهي!

دل اَمير بہ آ، دل فقير بہ آ
دل چست بہ آ، دل سست بہ آ
دل ڀوڳ بہ آ، دل روڳ بہ آ
دل آس بہ آ، دل پياس بہ آ
دل درياھہ بہ آ، دل باھہ بہ آ
دل دوا بہ آ، دل دُئا بہ آ
دل پٿر بہ آ، دل مندر بہ آ
دل ديوار بہ آ، دل ڀنڊار بہ آ
دل اُلفت بہ آ، دل نفرت بہ آ
دل چري بہ آ، دل پري بہ آ
دل ساز بہ آ، دل راز بہ آ
دِل دِل بہ آ، دِل مِل بہ آ
جا جي ٽُٽي، تہ وري نہ ڦٽي!!



ٻيڙو جو آهيان

لُڏي ٿي ٻاڏي ۽ ٻئلنس ٻہ ناهي،
ڪاٺي ٻٽي آ ساٿي، ٽنگن کي ٿو سنڀالي هلايان،
ٻيڙو جو آهيان!

هڏ هڏُڪري ٿو ڪڙهي ٿو،
روئان يا سهان سوُر ڪنهنکي ٻڌايان،
ٻيڙو جو آهيان!

ساڃو سرير ٿيو آ ڪنبهر،
ٻهي پٽ پوي شل دوُلهہ در پاڏايان،
ٻيڙو جو آهيان!

نہ کائڻ ۾ جس آ نہ پيئڻ ۾ رسُ آ،
کاٿي کان وڏ گوريون ٿو کاوان،
ٻيڙو جو آهيان!

دوست ڪري ڪنلرو ڪن پريان رام رام،
پر اوا تہ پري پنهنجن ۾ بہ آدرمان ڪٿي ٿو پايان،
ٻيڙو جو آهيان!

سڀ چون ٿا هاڻ اوٿ وٺ گروءَ جي ۽ رام نام جپ،
بابل ٻلُ ڏي تہ تنهنجو منو نام ڳايان،
ٻيڙو جو آهيان!

چمچا

ٻڌي خوشامدڙيا ٽٽون ها سڏبا،
هاڻ چئون ٿا اُنهن کي چمچا!

چمچا تہ پيل ڏڏ هجن،
تہ بہ گهٽن کان ٿا اڳ ڪين!

گماستن مان سيٺيون ٿين،
نوڪرن مان ٿا افسر ٿين!

چيلا چمچا مؤجون ماڻين،
عقل وارا پيا ٿا پنڪن!

اِها بہ اڄ هڪ آهي لياقت،
جنهن ۾ آهي خوب نزاڪت!

"گيان" چو ٿيو آن ايڏو سادو،
ڪيئن ڪندي دنيا ۾ واڌو!

لڳائي ڏس تون هڪ وار مسڪو،
ڏس اُن ۾ آ ڪيڏو نہ چشڪو!

شروع ڪر تون چمچاگيري،
يقينن هڪ ڏينهن، ماڻيندي اَميري!

واهه منهنجا سائين

واهه منهنجا سائين،
واهه منهنجا سائين!

ساڌن کي تون جيل پوڳائين،
چورن کي تون مزا ڪرائين،
پوءِ به پاڻ کي نياوڪاري سڏائين،
واهه منهنجا سائين، واهه منهنجا سائين!

جت ڪپي پاٽي اُت سوڪ ڪرين ٿو،
ڪٿ وري ٻوڏان ٻوڏ ڪرين ٿو،
پوءِ به پاڻ کي مهربان چوائين،
واهه منهنجا سائين، واهه منهنجا سائين!

ڪن کي روٽيءَ کان تو سڪائين،
ڪن کي خوب تو عيش ڪرائين،
پوءِ به پاڻ کي فاضل ڪوٺائين،
واهه منهنجا سائين، واهه منهنجا سائين!

ڪن ۾ ٺاهين ڪن ۾ ڊاهين،
ٻارن وانگر پيو راند رچائين،
پوءِ به پاڻ کي پرم پتا مڃائين،
واهه منهنجا سائين، واهه منهنجا سائين!

”گيان“ تي تنهنجي مهر ٿئي شل،
مرندي اهڙي مهل اچي شل،
جو تون پنهنجو نام جپائين،
واهه منهنجا سائين، واهه منهنجا سائين!

آءُ ته هڪ ٿيون

منٿڙي دور دور آ ڌرتي گگن،
ڏس ڪيئن ٿا گڏجي گلي ملن!

اَچ ته لڪ چپ راند رچايون،
ڏس ڪيئن ٿا بادل تارا ڪن!



اَچ ته گڏجي ناچ نچون،
ڏس ڪيئن ٿا باغ ۾ مور نچن!

اَچ ته گڏجي خوشي ملهايون،
ڏس ڪيئن ٿا گل ڦل ٻه ٻه ڪن!

اَچ ته گڏجي گُنگنايون،
ڏس ڪيئن ٿا پکيئڙا لات لنون!

اَچ ته هڪ ٻئي کان دور نه ٿيون،
ڏس ڪيئن ٿيون جل بن مين مرن!

اَچ ته هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃون،
ڏس ڪيئن ٿيون بوندون ساگر ساڻ ملن!


پالو پولو

پولن کي پولو،
چوڻ تہ ڏاڍو آ سولو!
سچ پڇو تہ ائين چئي،
اَسين ڪريون ٿا،
هڪ وڏو پولو!
پولو کو گهٽ ناهي،
اُنجي ڪمال تہ ڏسو!
جنهن تي مهر ڪري،
تنهجي تہ،
رَتي بہ لهندي تولو!
اِن ڪري پيارا،
اَهڙن تي ڪلڻ ڪين گهرجي،
جو اَڄ شاهہ آهي،
پولو نہ ڪري،
سيان ٿي سگهي ٿو گولو!!

ڀيڻ ڏانهن خط

ڪانگريس راڄ جو احوال!

ڏڪار گلي، انڌيري چال
ڪولي گمنام
اندرا نگر - ۵



پياري ڀيڻ پتلي
خوش هجين شال!
خط تنهنجو مليو
معلوم ڪيو احوال
ڪهڙو حال ٻڌائين هتان جو
هت به ساڳيو ئي حال
ڊبلي، ڇبلي، ببلو باندر
رئن رڙن ۽ هردم ڪن سوال
ممي بسڪوٽ، دادا ڊبل
ويچارن جا ڪين ملن ٽا
بسڪوٽ ڊبلون ۽ پيا مال!
ڀيڻ پورت ڪانهي پگهار مان
ڪهڙو ڏيانءِ احوال
مهانگائيءَ مانتو ماري ڇڏيو
ماٺهو ٿيا آهن بيحال
ڪم آهن بازار مان

ڪمرن ۾ ڪلمہ جا ڪارڻ

صبح جو ڪو پنجين بجي اُٿندو تہ ڪو نوين بجي
ڪو چانهہ پيئندو تہ ڪو ڪافي
ڪو هڪ پيرو پيئندو تہ ڪو ٽي پيرا
نيرن تي ڪو چوي بريڊ بَٽَرُ کپي تہ ڪو ڪوڪي
منجهند جي مانيءَ تي ڪو چوي تہ ٺر- دالي دال کپي تہ ڪو پيز پٽاٽا
منجهند جو ئي ڪو ڏيين وانگر سمهندو تہ ڪو پيو جيت ڪاڇيندو
رات جي روٽيءَ ۾ ڪو چوي پالڪ پنير کپي تہ ڪو بيهہ - پڪوڙا
رات جو ئي وري ڪو ڏهين بجي سمهندو تہ ڪو ٻارهين بجي
سمهڻ مهل ڪو چوي پنکي جي هوا چوٽ کپي تہ ڪو ڏري
ٽي.وي. پروگرامن ۾ ڪو چوي سيريلس هلن تہ ڪو پڪاچرس
ريڊيو پروگرامن ۾ ڪو چوي گيت، غزل، ڀڄن هلن تہ ڪو پاپ-ميوزڪ
ڀاتين مان ڪو راڌا سواميءَ کي مڃي تہ ڪو آشارام ٻاپوءَ کي
ڪو ستسنگہ وڃي تہ ڪو ڪلب يا ڪِٽي پارٽيءَ تي
ڪو ٻارن سان انگريزيءَ ۾ ڳِٽ مِٽ ڪري تہ ڪو هنديءَ ۾
بيماريءَ جي حالت ۾ ڪو چوي انگريزي دوا کاجي تہ ڪو ديسي
مطلب تہ ڪُسُ ڪسر ڪائڻ يا سُري پُري جاءِ ڏيڻ وئي آ وسري
”مان ۽ منهنجو“ آپو ۽ خودي وئي آ وڌي!

سونهن

گهر جي سونهن زال آ،
دڪان جي سونهن مال آ،

بنگلي جي سونهن هال آ،
راندين جي سونهن بال آ،

رانديڪن جي سونهن ڍال آ،
جوان جي سونهن ڍال آ،

هرڻيءَ جي سونهن چال آ،
سُر جي سونهن تال آ،

ڪلاڪار جي سونهن شال آ،
ڪاڏي جي سونهن دال آ،

ٻانڌن جي سونهن ٿالهہ آ،
شهر جي سونهن مال آ،

ڳوٺ جي سونهن چؤپال آ،
ماڏُريءَ جي سونهن ڪمال آ!
سونهن جي سونهن **گوپال** آ !!

ڊالڊا ڪنڊ ۾ ڊال
پئسا ڪٿي خرچ ڪيترا
پوءِ به سودا ملڻ مُحال
اکھ چا چوٽ چڙھيا آھن
اُڇ اھڙو ڪونہ مثال؟
وري راشن چاھي پينڙي
ڪڪڙ ۾ پٿري، جوئر ۾ ڏاتورو
ماٺھو کائين يا مرون
اڄ گھر گھر اھو سوال!
ھتڙادو ھي نڪر آھہ
يا آھي سچ اَڪال؟
اچي نٿي سمجھہ ۾
سرڪار جي ھيءَ چال
آخر اھڙي بري حالت
پيڻ ھلندي گھٽا سال؟
نيٺ تہ اينڊو ملڪ ۾
اھڙو ڪو پونا چال
اچي ٽوپي اڏامي ويندي
پوءِ ملڪ ٿينڊو خوشحال
چڱو پيڻ ھريھر
سڀ جو گرو ٿينڊو رکپال!

تنھنجي پيڻ
ڪلان
(رچنا ١٦ سيپٽمبر ١٩٧٣ع، ”وير پارت“ ۾ ڇپيل)

پاڪ پلو ٻڌائجانءِ سائين
پاڪ پلو ٻڌائجانءِ!

تون داتا اَسين پينو لالڻ،
مھر جو ھٿڙو گھمائجانءِ.

ميرا مندا تنھنجا ئي آھيون،
عيب نہ اسان جا کولجانءِ.

ٻيڙو اسانجو لُڏي لمي ٿو،
ٻيڙو پار لڳائجانءِ.

تون اَجھو ءِ اَبو عالم جو،
منھن نہ اسان کان موڙجانءِ.

تون آن اسانجو راکو رھبر،
روشن راھہ ڏيکارجانءِ.

اسين رھون سڀ ساوا ڀاوا،
ڪاڻ نہ ڪنھنجي ڪڍائجانءِ.

سٺي رھي شل صحت سدائين،
پنھنجي ھلنديءَ ھلائجانءِ.

چؤراسيءَ جو چڪر نہ ڏيارين،
ڀوَ ساگر مان تارجانءِ.

لالڻ توسان لِنوَ لاتي آ،
پريت جي ريت نڀائجانءِ.

تو در جيڪي پلوَ پائن ٿا،
آسون تن جون پڄائجانءِ.

ھٿ جوڙي ٿا سيس نِوايون،
”گيان“ جو عرض اگھائجانءِ.

پنجن

مايا فاني

مايا فاني او دلبر جاني،
تنهنجي چا جو ڪيو تئي آرو ادا.

سڪندر پورس ڪيئي لڏي ويا،
ماڙڪ موتي محل ڇڏي ويا،
هڪ ڏينهن تنهنجو بہ ايندءِ وارو ادا!
مايا فاني .....

جن لاءِ تو آ ڪوڙ ڪمايو،
املهہ جيون وئرٿ وڃايو،
اوکيءَ ويلي ڪوئي نہ ڏيندءِ سهارو ادا!
مايا فاني .....

نرسي نامو نام جپي ويا،
پوَ ساگر مان پار تري ويا،
پريوءَ پاسي تون پي ڪري وٺ لاڙو ادا!
مايا فاني .....

جيسين آهين هري اوم جپيو ڪر،
اُٿندي وهندي شڪر ڪريو ڪر،
انت ويلي سانول ڪندءِ سوپارو ادا!
مايا فاني .....

جھوليلعل سائين

جھوليلعل سائين سائين، واھ واھ لال سائين سائين، جھوليلعل سائين!
مھر مياجا مينھڙا وسائين سائين، سڀ جا ٻيڙا پار لڳائين سائين ...
جھوليلعل سائين سائين

جيڪي توتي جوتيون ٻارن سائين
تن جا دولھ، ٻاڳ ٻلائين سائين ... جھوليلعل سائين سائين

جيڪي توتي اکا پائن سائين
تن جا دولھ، عرض اگھائين سائين ... جھوليلعل سائين سائين

جيڪي تنھنجا پنجڙا ڳائن سائين
تن جا دولھ، پرم مٺائين سائين ... جھوليلعل سائين سائين

جيڪي تنھنجي پون پناري سائين
تن جي دولھ، بگڙي بڻائين سائين ... جھوليلعل سائين سائين

جل ڪنني تي جيڪي ڏيائن سائين
تن کي دولھ، ڀوَ مان تارين سائين ... جھوليلعل سائين سائين

تنھنجو گولو "گيان" ٻاڏائي سائين
سڀ جي رکجانءِ، پتِ سدائين سائين ... جھوليلعل سائين سائين

لالڻ سان لنوَ لاءِ پيار ا

لالڻ سان لنوَ لاءِ پيارا،
لالڻ جا گڻ ڳاءِ!

ڪير سچو آ ڪير ڪوُڙو آ،
ڪنهن کي ڪين ٻڌاءِ!

ماڻهو ٿئي مطلب جا هتڙي،
ڪنهن کي ڪين ورجاءِ!

ڪير نہ تنهنجي ٻڌندءِ هتڙي،
پنهنجو جيءُ نہ جلاءِ!

ڪوئي نہ تنهنجو قدر ڪندءِ،
دل سان ڳالهہ هنڊاءِ!

چئن ڏينهن جي ٿئي هيءَ دنيا،
ماڙيون ڪين اَڏاءِ!

پاڻ تي ايڏو ڇو ڪڏين ٿو،
ٿيندين رکہ جلاءِ!

دين دکين جي ڪر تون سيوا،
مايا سڦلي بڻاءِ!

بابل جو تون آهين بابل،
بابل کي پرچاءِ!

بابل ٿئي تنهنجو اَجهو آسرو،
بابل کي نہ ڀلاءِ!

”گيان“ تون ڪر جيون سڦلو،
لالڻ جا گڻ ڳاءِ!

پلي تي تنهنجي سواري

پلي تي تنهنجي سواري
پلهاري بابا لالڻ سائين
لالڻ سائين جهولڻ سائين!

١. گهر گهر تنهنجو ديرو آهي
ڀهراڻن مان ظاهر آهي
جوتيون ٻرن چوڏاري
پلهاري بابا لالڻ سائين
پلي تي ...

٢. چنڊ ٽارونءَ تي ميلا لڳن ٿا
هرهنڌ سنڌي نچن ڪڏن ٿا
مهما تنهنجي آهي نياري
پلهاري بابا لالڻ سائين
پلي تي ...

٣. صدق رکي جي تو در آيا
تن جا ٽيڙا لايا سجايا
ڪنهنکي موٽائي نہ خالي
پلهاري بابا لالڻ سائين
پلي تي ...

٤. سڌ وارن جا سڌڙا پڌي ٿو
دک وارن جا دکڙا ڪٽي ٿو
اهڙو آهي اُپڪاري
پلهاري بابا لالڻ سائين
پلي تي ...

٥. ”گيانو“ تنهنجو گولو آهي
هٿ جوڙي ٿو سيس نوائي
درشن ڏي هڪ واري
پلهاري بابا لالڻ سائين
پلي تي ...

عجب تنهنجو اسرار مالڪ
عجيب تنهنجو اِسرار!

۱. ڪٽي مان ڏس تو ڪيچ ٻٽائي،
سڄ چنبڊ ڏرتي ڪيئن تو هلائي،
آهي ڪو جو ٻڌائي، تلرا آهن ڪيتري پلر،
مالڪ عجب تنهنجو اسرار!

۲. ڪن ۾ ٿاهي ڪن ۾ ڍاهي،
ٻارن وانگر ڪيل رچائي،
آهي ڪو جو ٻڌائي، پراٺي وچي تو ڪهڙي دُوار؟
مالڪ عجب تنهنجو اسرار!

۳. رنگ بہ رنگي گل ڦل ميوا،
جيڪي ڪن ٿا سڀ جي شيوا،
آهي ڪو جو ٻڌائي، پراٺي آهن گهٽا هزار؟
مالڪ عجب تنهنجو اسرار!

۴. ڪٿان اچي ٿي جهومندي واءُ،
جنهن بن نڪري سڀ جو ساهہ،
آهي ڪو جو ٻڌائي، بادل ٻٽجي ڪيئن تو ڦوهار؟
مالڪ عجب تنهنجو اسرار!

۵. ڪي ٿا سيرا پوريون ڪائن،
ڪي ٿا ڪٽي ڪاڙ ٻاڏائن،
آهي ڪو جو ٻڌائي، آهي ڪهڙي ڪرم جي مار؟
مالڪ عجب تنهنجو اسرار!

۶. جيسين جيئرو ”گيان“ آهي،
پيو تو سوچي پيو تو چاهي،
آهي ڪو جو ٻڌائي، خالق ڇو خلقيو مهاڄار؟
مالڪ عجب تنهنجو اسرار!

ھِنڪي

ھنڪيءَ مٿان مونکي آئي ھنڪي
مان ٿي پايان منھنجو لالڻ ايندو
لالڻ ايندو منھنجو جھولڻ ايندو
اُڏيرو ايندو منھنجو آگل ايندو
ھنڪيءَ مٿان ....

ھا ... ھنڌ چنبيندي مونکي آئي ھنڪي
ميرو من منھنجو صاف ڪندو
ھنڪيءَ مٿان ....

ھا ... ڀھاري پائيندي مونکي آئي ھنڪي
ميريون مدايون منھنجون معاف ڪندو
ھنڪيءَ مٿان ....

ھا ... پانڌا مليندي مونکي آئي ھنڪي
پورھيو منھنجو سائين ثاب ڪندو
ھنڪيءَ مٿان ....

ھا ... سنان ڪندي مونکي آئي ھنڪي
ڳوليءَ جو سائين لڄاماڻ رکندو
ھنڪيءَ مٿان ....

ھا ... نام جپيندين مونکي آئي ھنڪي
”گيان“ جو سائين پلو پاڳ ڪندو
ھنڪيءَ مٿان ....

نام جپيو

نام جپيو نام جپيو نام جپيو نام
شڪر شڪر ڪريو چئو ستنام
سائين چئو ستنام!

اُٿندي وهندي چئو راڌي شيام
ڪشٽ تِن جا ڪٽجي ويندا جن جپيو شيام
سائين جن جپيو شيام
پاپ تن جا پلا ٿيندا جن جپيو شيام
سائين جن جپيو شيام!

سمهندي جاڳندي چئو سيارام
ڪم تن جا راس ٿيندا جن جپيو رام
سائين جن جپيو رام
چوراسي کان آجا ٿيندا جن جپيو رام
سائينِ جن جپيو رام!

گهمندي ڦرندي چئو جهوليلال
ٻيڙا تن جا پار ٿيندا جن جپيو لال
سائين جن جپيو لال
ڪنهي ايندا خير سان جن جپيو لال
سائين جن جپيو لال!

بندو آهي گندو سائين مندو آهي ”گيان“
ٻاجهارا تون ٻاجهه ڪر تنهنجو شاهي شان
سائين تنهنجو شاهي شان
ڏوهه اسان جا معاف ڪر تنهنجو شاهي شان
سائين تنهنجو شاهي شان!!!

لورڙو

ٺار مائي ٺار، پنهنجي ٻچن کي ٺار،
اڄي ٻہ ٺاريءِ، هيئنئر ٻہ ٺار.

امان، ٻچڙا ننيڙا تنهنجا ٿئي،
لڱرا ڪچڙا جن جا ٿئي،
لهج سندن جي سار سنيار.
ٺار مائي ٺار ...

امان، لڪ لنگهائي ڪجان پار،
جيءَ جو تن کي ڏجانءِ قرار،
رکج سندن تي مهر ستار،
ٺار مائي ٺار ...

امان، ٻچيءَ ٻڌي پائي توکي نمان،
ٻچڙن جو ٿي دان گهران،
جيجل سڀاجهڙي آهين ستار.
ٺار مائي ٺار ...

امان، لولا ٻچائي ٿڌو رکندس،
ٻچڙن کي ڇنبو تنهنجو وجهندس،
مون در ديوي واڌائي ڏيار.
ٺار مائي ٺار ...

جيئن هلائي تيئن واهہ واهہ!

جيئن هلائي تيئن واهہ واهہ!!
جهولڻ هلائي جيئن، بابل هلائي جيئن،
لالڻ هلائي جيئن، جيئن هلائي تيئن واهہ واهہ!!

طعام كارائي پل، پوڙ كارائي پل،
سٽيي كارائي پل، اٽيي كارائي
تيي واهہ واهہ، جيئن هلائي تيئن واهہ واهہ!!

جينس پارائي پل، سوُٽ پارائي پل،
سٽڻ پارائي پل، گوڏ پارائي تيي واهہ واهہ!!

بنگلي ويهاري پل، ماڙيءَ ويهاري پل،
چاليءَ وهاري پل، پونگيءَ ويهاري تيي واهہ واهہ!!

سئر كرائي پل، ڏام گھمائي پل،
ميلا ڏيكاري پل، گِهر ويهاري، تيي واهہ واهہ!!

راڏا ريڄهايون پل، سانول سرچايون پل،
جهولڻ جهولايون پل، من ملايون تيي واهہ واهہ!!

جيئن هلائي تيئن واهہ واهہ!
جهولڻ هلائي جيئن، بابل هلائي جيئن،
لالڻ هلائي جيئن، جيئن هلائي تيئن واهہ واهہ!!

شڪتي مما

طرز : پيڙو تہ منهنجي لال جو ...

راڌا کي ريجهايو شيام پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اَچي ڪشٽ ڪٽيندو!

سِيا کي ريجهايو رام پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اَچي رکپال ٿيندو!

لڪشميءَ کي ريجهايو نارايڻ پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اَچي پنڊارا پريندو!

اَنبي کي ريجهايو شنڪر پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اَچي ڀَوَ مان تاريندو!

وديا کي ريجهايو ''گيان'' پاٽهين هليو ايندو،
پاٽهين هليو ايندو اَچي ڏاتيون ڏيئي ويندو!

پلوَ

لالڻ تون آ جڳہ جو داتا،
بگڙي منهنجي بڻائجاءِ لال.

ڪيئي مندايون مون ۾ سائين،
تن ڪان تون ئي بچائج لال.

پليل ۽ پتڪيل مان آهيان،
راهہ تون ئي ڏيکارج لال.

ڏيان ۾ تنهنجي رهان سدائين،
نامر بہ تون ئي جپائج لال.

جنمر مرڻ منهنجو ڪاٽي سائين،
پوَ مان تون ئي تارج لال.

''گيان'' آ گولو تنهنجو سائين،
من جون مرادون پچائج لال.

پائي پلوَ توکي عرض ڪريون ٿا،
آسون سڀ جون پچائج لال.

لالڻ تون آ جڳہ جو داتا،
بگڙي سڀ جي بڻائجاءِ لال.
آسون سڀ جون پچائج لال،
ڪارج سڀ جا سنوارج لال.
گجڪر بولو امرلال ڪي جئہ!